SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر VI مجريه 1996

# SINDH ACT NO.VI OF 1996

## پيپلز ميڊيڪل ڪاليج اينڊ هاسپيٽل نوابشاهه (ترميم) ايڪٽ، 1995

## THE PEOPLE'S MEDICAL COLLEGE AND HOSPITAL NAWABSHAH (AMENDMENT) ACT, 1995

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 1995 جي ايڪٽ جي دفعه 11 جي ترميم
Amendment of section 11 Act of 1995
3. 1995 جي ايڪٽ جي دفعه 18 جي ترميم
Amendment of section 18 Act of 1995

# سنڌ ايڪٽ نمبر VI مجريہ 1996

# SINDH ACT NO.VI OF 1996

# پيپلز ميڊيڪل ڪاليج اينڊ هاسپيٽل نوابشاهہ (ترميم) ايڪٽ، 1995

# THE PEOPLE'S MEDICAL COLLEGE AND HOSPITAL NAWABSHAH (AMENDMENT) ACT, 1995

[26 فيبروري 1996]

ايڪٽ جنهن ذريعي پيپلز ميڊيڪل ڪاليج اينڊ هاسپيٽل نوابشاهہ ايڪٽ، 1995 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ پيپلز ميڊيڪل ڪاليج اينڊ هاسپيٽل نوابشاهہ ايڪٽ، 1995 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي پيپلز ميڊيڪل ڪاليج اينڊ هاسپيٽل نوابشاهہ (ترميم) ايڪٽ، 1995 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

2. پيپلز ميڊيڪل ڪاليج اينڊ هاسپيٽل نوابشاهہ ايڪٽ،

1995 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڇاٽايل ايڪٽ سڏيو ويندو ان جي دفعہ 10 جي ذيلي دفعہ (2) ۾، شق (h) کانپوءِ، هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

"(hh) حڪومت طرفان ان جي پنهنجي ميڊيڪل ڪاليجز لاءِ جڙيل داخلا پاليسي تي عمل ڪندو".

1995 جي ايڪٽ جي دفعہ 11 جي ترميم
Amendment of section 11 Act of 1995

3.ڇاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 11 جي ذيلي دفعہ (2) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

"بشرطيڪ جيستائين ڪل وقتي چيف ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر نہ مقرر ڪيو وڃي، حڪومت پنهنجي نموني ۽ شرطن تي ڪنهن شخص کي چيف ايگزيڪيوٽو طور مقرر ڪندي."

1995 جي ايڪٽ جي دفعہ 18 جي ترميم
Amendment of section 18 Act of 1995

4.ڇاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 18 لاءِ شرطيہ بيان ڪانسواءِ هيٺين ريت تبديلي ڪئي ويندي ۽ هميشہ ايئن ئي هميشہ تبديل ٿيل سمجهيو ويندو:

"18 (1) موجود ميڊيڪل ڪاليج ۽ اسپتال ۾ ڪنهن بہ عهدي تي، خدمتون سرانجام ڏيندڙ ماڻهو هن ايڪٽ جي فوري طور عمل ۾ اچڻ کانپوءِ ميڊيڪل ڪاليج ۾ خدمتون سرانجام ڏيندا؛

(2)ذيلي دفعہ (1) موجب طريقو گنجائش ڪڍي ويندي ۽ پيپلز ميڊيڪل ڪاليج (ترميم) ايڪٽ، 1995 جي شروعات کان ٽيهن ڏينهن اندر حڪومت کي پيش ڪئي ويندي.

(3)ذيلي دفعہ (2) تحت موصول ٿيل آگاهي ملڻ تي، حڪومت لاڳاپيل ماڻهن کي ميڊيڪل ڪاليج ۾ خدمتن لاءِ

بدلي ڪندي، اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب، جيئن حڪومت طئي ڪري“.

**نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**